
نرالو نينهن
(ناول)
لؤنگ خان عاجز پاڙو

# نرالو نينهن

(ناول)

## لؤنگ خان عاجز پاٽو

ڪمپوزنگ : خادم گهراڻو

**ڊجيٽل ايڊيشن:**
2018ع
**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**





# نرالو نينهن

مصنف

لونگ خان عاجز

نصرپور

دفع اول سال 1963 ع ڪاپيون هڪ هزار

قيمت. _ 8 _.

مصنف جا سڀ حق واسطا قائم

ڪمپوزنگ

خادم گهراڻو

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”نرالو نينهن“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب مرحوم **لؤ نگ خان عاجز پاٽو** جو لکيل ناول آهي.

هي ناول پرائمري استاد، ليکڪ، شاعر اديب مرحوم لؤ نگ خان عاجز پاٽو جو لکيل آهي. سائين جن بنيادي طرح پرائمري استاد هئا پر سترهن سال ڊيپوٽيشن هائي اسڪول نصرپور ۾ سنڌي جو مضمون پڙهائيندا هئا. ڪين گرامر جي وڏي ڄاڻ هوندي. سندن هڪ خاص ڳالهه اها هئي ته اسڪول ۾ ڪو شاگرد ڪهاڻيون شاعري لکندو هو ته ڪين خبر پوندي هئي ته پاڻ ان جي همت افزائي ڪندا هئا.

هي ڪتاب 1963ع ۾ ڇپايو ويو هيو. اسان ٿورائتا آهيون محترم خادم گهراڻو جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائيءَ جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail. com
www. sindhsalamat. com
books. sindhsalamat. com

# پنهنجي پاران

هي ناول پرائمري استاد، ليکڪ، شاعر اديب مرحوم لؤ نگ خان عاجز پاٽو جو لکيل آهي. سائين جن بنيادي طرح پرائمري استاد هئا پر سترهن سال ڊيپوٽيشن هائي اسڪول نصرپور ۾ سنڌي جو مضمون پڙهائيندا هئا. کين گرامر جي وڏي ڄاڻ هوندي. سندن هڪ خاص ڳالهه اها هئي ته اسڪول ۾ ڪو شاگرد ڪهاڻيون شاعري لکندو هو ته کين خبر پوندي هئي ته پاڻ ان جي همت افزائي ڪندا هئا. جنهن ڪري نصرپور ادبي تنظيمن جو ڳڙهه بنجي ويو جنهن مان ڪيترائي اديب پيدا ٿيا. سندن خاص دوستي محمد ابراهيم جويو صاحب ۽ محمد دائود بلوچ سان هوندي هئي. سندن هي ناول ٻن دوستن جي پيار محبت جي پاڪ رشتي تي لکيل آهي، جنهن ۾ هڪ دوست پنهنجي منزل تي رسي ٿو ٻيو دوست سچي دوست کي ڇڏي مطلبي يارن سان ملي ٿو جنهن ڪري اهو ذاڙيل بنجي وڃي ٿو جنهن جو هن جي دوست کي ڏک پهچي ٿو. پر وري به سچو دوست هن جو ساٿ ڏي ٿو هي سڌري وڃي ٿو. هڪ بهترين ماڻهو بنجي وڃي ٿو. هن ۾ هڪ مارشل لا جو به بيان ٿيل آهي جنهن جي ڪري امن ٿي وڃي ٿو. هن ناول ۾ رشوتخورن کي به اجاگر ڪيو ويو آهي جن غريبن جو رت چوسيو آهي. جڏهن مون کي خبر پيئي ته سائين جن جو هڪ ناول لکيل آهي جيڪو ڇپيل نه آهي ان جي ڳولا ڪيم استاد نديم پاٽو معرفت سائين جن جا هٿ اکر ناول مليو جنهن کي ڪمپوزنگ ڪيم. منهنجي لاءِ اها فخر جي ڳالهه آهي ته هن کان اڳ گل نصرپوري جو ناول درياءَ جي ڪپ تي، سعدالله سپاهي ابڙو جو ناول به معصوم مڪڙيون ڪمپوزنگ ڪري سنڌ سلامت تي موڪليم اهي به ٻئي استاد هئا. هي به استاد آهي. هاڻي پڙهڻ وارن جي راين جو انتظار آهي ته اهي ڇا ٿا راءِ ڏين هن ۾ سائين تي نمر خان مهيسر، خادم گهراڻو جو مضمون جيڪو سائين تي لکيل آهي اهو به شامل ڪيو آهي. آئون محترم محمد سليمان وساڻ جن جو ٿورائتو آهيان جيڪي منهنجي همت افزائي ڪندا رهن ٿا. سائين نديم جو جنهن هي هٿ اکر لکيل ناول ڏنو ريحان ابڙو جو جنهن سائين جن جي تصوير ڏني دوستن کي گذارش آهي ته دعا ڪن رب همت ڏي آئون اسان جي ماضي جي اديبن جا ناول ڳولي ڪمپوزنگ ڪري پيش ڪندو رهان. اوهان جي راين جو انتظار رهندو.

**خادم گهراڻو نصرپور**

مٽياري چونڪ نصرپور



## نصرپور جو بهترين استاد سنڌ جو بهترين ڪهاڻيڪار، ناول نگار، مضمون نگار، شاعر لؤنگ خان عاجز پاٽو

نم خان مهيسر

**( هي مضمون سائين نديم پاٽو ڏنو جنهن کي ڪمپوز ڪري دوستن اڳيان پيش ڪيو ويو آهي. خادم گهراڻو)**

سنڌ جي تاريخي شهر نصرپور ۾ ڪئين ولي بزرگ اولياءُ عالم فاضل درويش، ڏاها علم وارا، اڪابر ۽ وڏا اديب پيدا ٿيا آهن ۽ ڪيترا الله جا ماڻهو وري هن علم ۽ فضل واري شهر ۾ نقل مڪاني ڪري آيا هتي جي مٽي کي پنهنجو مسڪن بڻائي اتي ئي سڪونت اختيار ڪيائون. نصرپور جنهن هڪ دريائي تڙ مان ترقي ڪري ايترو اوج ماڻيو ان ۾ ڪئين قومون آباد هيون جن جو اولاد اڄ به هن شهر ۾ مڪين آهي انهن مان پاٽو قوم به هڪ آهي جنهن قوم ۾ ڪيترائي بزرگ الله وارا پرهيزگار ۽ نيڪ مرد پيدا ٿيا آهن. انهن مان سائين لؤنگ خان عاجز پاٽو به آهي جيڪا شخصيت پڻ وڏي احترام جي لائق هئي. پاڻ 05 اپريل 1938 ع ۾ هن مرڪزي شهر ۾ جنم ورتو سنڌي فائنل تائين تعليم پرايائون لکڻ پڙهڻ ۽ علم ادب سان دلچسپي هئڻ ڪري تعليم جهڙي پيغمبري پيشي سان وابسته ٿي ويا اٽڪل 27 سال پرائمري ۾ گلڙن جهڙن ٻارن کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪيائون ۽ اٽڪل 17 سال ( ٽوٽل 44 سال ) نصرپور جي هاءِ اسڪول ۾ علم جي خدمت ڪندي روشني جي جوت جلائي ظلمت ۽ اونداهي کي تڙي ڪيڻ ۾ تمام گهڻو جاکوڙيائون. پاڻ هڪ استاد جو پورو حق ادا ڪيائون جيئن معاشري ۾ انسانيت لاءِ استاد خدمتن ۽ سچاين جا مينار هوندا آهن ان لاءِ جو سندن خدمت بي لوث ۽ پيغمبرانه هوندي آهي استاد جي اک ۾ خواب هوندا آهن ته هو پنهنجي سيني ۾ سمايل علم اوتي ۽ ملت جي مستقبلن جي سينن ۾ منتقل ڪري اهوئي سبب آهي جو استاد کي پيءُ جو درجو ڏنو ويو آهي ۽ روحاني ابو آهي عظمتن ۽ ڪاميابين جو هڪ اهڃاڻ آهي.

سائين به اهڙي پيروي ڪرڻ مان هڪ آهي سائين هن علائقي جي غريب مسڪين ماروئڙن جي خدمت ڪئي سالن جا سال جيڪي ٻار امتحان پاس ڪري اڳين ڪلاس ۾ ويندا هئا انهن کان ڇڏيل ڪتاب وٺي انهن جي جلد بندي ڪرائي غريب ٻارڙن ۾ مفت ورهائيندا هئا. شاگردن جي فين وغيره ۾ مدد ڪندا هئا. اهڙا بي سهارا شاگرد هن وقت وڏن وڏن عهدن تي فائز ٿي پنهنجي وطن عزيز جي خدمت ۾ پيش پيش آهن. سائين جن پرايا درد پنهنجا ڪري پائيندا هئا شل نه ڪنهن کي تڪليف يا پريشاني اچي اصل بي چين ۽ بي آرام ٿيو ٿجي ويندا هئا سندن سيني ۾ آنڌ مانڌ ۽ لوري پئي هوندي هئي ته فلاڻو الائجي ڪهڙي حال ۾ ۽ ڪيئن هوندو جڏهن خيريت جي خبر پوندي هئن تڏهن سک جو ساهه کڻندا هئا اها انساني همدردي ۽ ٻين جو احساس هر ڪنهن دل ۾ نه هوندو آهي فقط

اهل دل ۽ محبتي ماڻهو ئي اهڙا جذبا رکي سگهن ٿا. سندن گهڻو مطالعو ۽ مختلف علمن جو اونهون اڀياس ٿيل هو شاهہ لطيف، مصري شاهہ ۽ سنڌي ٻولي جي تہ هڪ لغت هئا ڪنهن لفظ جي معنيٰ پڇبي هئي تہ پوري تشريح ڪري اشتقاقن سان ٻڌائيندا هئا شاهہ سائين ۽ مصري شاهہ جي رسالي تي ڪين عبور حاصل هوندو هو پاڻ شاهہ سائين ۽ مصري شاهہ جا حافظ هئا ڪچهرين ۾ اهل علم ماڻهن جي اڳيان شاهہ لطيف ۽ مصري شاهہ جا بيت انهن جي تشريح ۽ روحاني راز ۽ رمزون اهڙي تہ منفرد انداز ۾ ٻڌائيندا هئا جو پاڻ ڪي لطيف سائين ۽ مصري شاهہ جا پارکو سڏائيندڙ بہ ڏندين آڱريون ڏيئي سوچ ۾ پئجي ويندا هئا. پاڻ شاهہ لطيف ۽ مصري شاهہ تي ڪافي تحقيقي ڪم ڪيائون انهن جي شاعري تي ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکي نون نڪتن کي نروار ڪيائون سندن اهي لکڻيون ماهوار نئين زندگي، مهراڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿي چڪيون آهن. سائين جن وٽ ڪو بہ مسئلو ايندو هو تہ ان کي حل ڪرڻ ۾ يا مدد ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا هئا. سائين ديني محفلن کي ترجيح ڏيندا هئا وقت ڪڍي اهڙين ڪچهرين ۾ باقائدي ويندا هئا پاڻ انهن محفلن مان تمام گهڻو فيض حاصل ڪندا هئا ۽ پنهنجي علم ۾ اضافو ڪندا هئا. امام السنڌ شيخ الحديث مولانا عبدالحق رباني، منهنجي استاد مولانا عبدالرحمان قاضي، نبض شناس حڪيم قاضي محمد بخش صاحب ۽ ميان حاجي احمد صاحب جن جي چوياري مشهور هوندي هئي انهن وٽ مدرسي ۾ صبح جو فجر نماز بعد درس ۽ تدريس جو سلسلو هلندو هو شهر جي علم وارن ماڻهن کان علاوه پوري هنڌ سنڌ مان مهمان ٿي آيل عالم محدث ۽ فقيهہ انهيءَ مجلس ۾ شريڪ ٿيندا هئا ۽ مذاڪره ڪندا هئا. سائين لؤنگ خان چوندو هو تہ جيڪو علم انهن ڪچهرين مان حاصل ڪيو اهو پوي زندگي جي مطالعي مان حاصل نہ ٿيو پاڻ هڪ سني عالم جيترو علم رکندا هئا. سندن عقيدو پڪو روزي نماز جا پابند هوندا هئا پاڻ سراپا دين تي هلڻ وارا ۽ ديندار هوندا هئا. مولود ۽ مدح جنهن ۾ گهڻي کان گهڻي نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي تعريف شان مديني جي زيارت جي سڪ ۽ اڪير بيان ٿيل هوندي آهي مولود جي معنيٰ آهي رسول ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي ولادت جي خوشي ۾ چيل شاعري. سائين لؤنگ خان انهن ۾ گهڻي دلچسپي رکندا هئا ڪين تمام گهڻا مولود ۽ مدح ياد هوندا هئا پاڻ انهن جي سر تار هينانهين مٿانهين ۽ جهيل وغيره جا ماهر ۽ وڏا پارکو هوندا هئا مولودين جون هتي مشهور ٽوليون هونديون هيون جن ۾ مگٺهارن جسڪاٽين ۽ سيدن ۽ مگرين جون ٽوليون مشهور هيون اهي مولود حضرات سائين جن جا جڻ مريد هئا مجال آهي جو ڪو مولودي سرن کي هيٺ مٿي ڪري اتان اشارو ڪندا هئس پوءِ مولودي مڃيندا هئا تہ واقعي غلطي ٿي وئي. ڪين ڪيڏارو تمام گهڻو پسند هوندو هو. لکڻ پڙهڻ ۽ علم ادب سان سندن حد درجي جو چاهہ ۽ شوق هوندو هو. پاڻ نثر توڙي نظم ٻنهي ۾ طبع آزمائي ڪيائون تخليقار ڪهڙو بہ هجي ڪير بہ هجي ۽ ڪيئن بہ هجي پر هو يوڳنائن مان گذرندي پنهنجي تخليق کي تڪميل ڏيندو آهي اهو تخليقار هڪ لوهار هجي، هڪ واڍو هجي يا ڇو نہ ڪٽي ليڪ هجي هو تمام گهڻي لوڙ ۽ ولوڙ کان پوءِ سهڻيون ۽ وڻندڙ تخليقون جوڙي ٿو. سائين لؤنگ خان عاجز بہ هڪ سٺو تخليقار ۽ سرجڻهار هو پاڻ ناول لکيائون جيڪي اڻ ڇپيل آهن ان کانسواءِ ڪهاڻيون لکيائون سندن ڪهاڻيون جديد سنڌي ڪهاڻي جي سفر ۾ وقت جي ڪاميابيءَ ۽ منزل تائين پهچڻ واري پيچري جون سجاڻ آهن انهن مان ڪافي تعداد ۾ ماهوار رسالي نئين زندگي ۽ ٻين ڪيترن ئي رسالن ۾ ڇپجي چڪيون

آهن سائين جي انهن ڪهاڻين جو شمار بهترين ڪهاڻين ۾ ٿئي ٿو. جيڪي سماجي برائين ۽ پريم جي پنڌ ۾ پيش ايندڙ پيڙائن ۾ پوڳيندڙ ڪردارن جي درد کي وائکو ڪندڙ سنڌي ادب جون بهترين ڪهاڻيون آهن جي دليرانه ۽ بهترين انداز سان لکيل آهن جن ۾ "مون ۾ آهين تون"، "مائي خيري" ۽ ٻيون ڪهاڻيون شاهڪار ڪهاڻيون آهن سنڌي ادب جي مهان ۽ ڏاهي اديب سائين محمد ابراهيم جويو صاحب، ڪهاڻيڪار سائين دائود بلوچ صاحب ۽ محمد حسين ڪاشف صاحب انهن جي مجتا ۾ تعريفي خط لکيا ۽ ڪين مبارڪون ڏنيون هيون. شاعري ۾ ته پنهنجو پٽ پاڻ هئا تمام سني ۽ معياري شاعري ڪندا هئا شاعري جيڪو هڪ احساس جو نالو آهي جنهن کي لفظي رواني سان سمائي پوئي هڪ خوبصورت مالها جوڙڻ ڪا معمولي ۽ عام ماڻهو جي وس جي ڳالهه نه آهي هن خوبصوت شاعري سرجيندڙ سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي ڪهاڻين، مضمون نگاري، ناول نگاري سان گڏ شاعري ۾ به سائين جو ناميارو مقام ۽ معروف نالو آهي سائين جي شاعري ٻولي جي سادگي جي محور ۾ گردش ڪندي نظر اچي ٿي سادگي سان جيڪا حقيقي حسن هوندي آهي جيڪا هر تخليق کي ڪمال درجي تائين پهچائيندڙ ۽ مجتائون ڏياريندڙ هوندي آهي سائين جي شاعري فطري حسن جي ترجمان شاعري آهي.

**1 ـ بي قدر دنيا اندر "عاجز" نه اچ آهي وفا**
**بي وفا پل ٿئي زمانو پر ٿي سدا غمخوار تون**

سائين جن جو لاڙو دين طرف سرس ۽ سوايو هو پاڻ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي تعريف بيان ندي بيان ڪن ٿا.

**2 ـ مان ڪيان ڪهڙيون بيان صفتون سڄڻ سهڻي سنديون**
**شان جنهن جي ۾ لٿيون سڀ آيتون قرآڻ سنديون**

ماڻهو جيڪي اڄڪلهه نفس جا پوڄاري بنجي ظاهر پوبان ڊڪن ٿا ۽ سمجهن ٿا ته هي دنيا صرف خوشين جو نالو آهي سدائين بهار لڳي پئي هوندي انهن کي پنهنجي سعر ۾ تجزيي ۽ مشاهدي جي بنياد تي صلاح ڏي ٿو ته

**گل ڏسيو گل جيئن ٽٽي ڪر خيال گل جي خار جو،**
**هي بهاري جون بهارون ڏينهن اٿئي ٻه چار جو،**
**شڪاري شوق مان گل ڏسيو خوش ٿو ٿئين،**
**پر سنڀالج تون نشانيون ٿي نه پئين ڪنهن وار جو.**

سائين جي انهن لکڻين کي يڪجا ڪجي ته ٻه ٽي ڪتاب جڙي سگهن ٿا هن ڳاتي توڙ مهانگائي جي دور ۾ اهو ڪم پهچ کان پري آهي پر جيڪڏهن ڪي ادارا يا وس وارا انهيءَ سلسلي ۾ مدد ڪن ته انهي بي بها خزاني کي ڪتب لائق بڻائي ڪافي لاڀ حاصل سگهجي ٿو. سائين لؤنگ خان هڪ فرد نه پر هڪ ادارو ۽ هڪ تاريخ هئا سندن فلسفو ۽ منشور محبت هوندي هئي نه رنگ نسل ڇا اڇو ڇا جو ڪارو؟ نه ڪو مذهب نه فرقو صرف اخلاق ڪردار ۽ سچائي کي ڏسندا هئا. جيڪو هڪ دفعو سندن ويجهو آيو اهو هميشه سندن مريد بڻجي ويندو هو منهنجا آئيڊيل استاد هئا مون سندن ڪافي ادائن کي اپنائڻ جي ڪوشس ڪئي آهي منهنجو اٿڻ ويهڻ هلڻ

ڪلاس ۾ پڙهائڻ بہ هوبهو سائين جن جو نقل آهي هن عظيم هستي اهل علم سمجهہ ۽ ڏاهپ وارو مٽيادار ماڻهو 29 اپريل 2005 ع ۾ اسان کان هميشہ لاءِ وڇڙي ويو جو هي ڪائنات جيڪا فنا جي مٽ ۾ بند آهي اها پنهنجي رفتار سان اصلي ماڳ ڏانهن سفر ۾ مصروف آهي . ملڪ قومون ۽ سماج پنهنجي عظيم انسانن سان سڄاتا ويندا آهن اهي انسان جيسين زندہ هوندا آهن تيسين پنهنجي ملڪ قوم ۽ سماج جا امين ۽ رکوالا هوندا آهن. ۽ پنهنجي زندگي کان پوءِ قوم جي سڃاڻپ ۽ عظمت جو اهڃاڻ هوندا آهن اهڙا ماڻهو روز روز ڪونہ پيدا ٿيندا آهن ۽ جڏهن پيدا ٿيندا آهن تہ پنهنجي طبعي زندگي کان پوءِ بہ صدين تائين ياد ڪيا ويندا آهن اهڙيون شخصيتون موت کي مات ڏيئي هميشہ ماڻهن جي دلين ۾ زنده رهيون آهن ۽ هميشہ لاءِ رهنديون.



# استاد اديب شاعر
# محترم لؤنگ خان عاجز پاٽو

## خادم گهراٽو

ڪي اهڙا انسان به آهن جيڪي جڏهن هن فاني جهان مان هليا ويندا آهن ته انهن جو نالو ماڻهن جي دلين ۾ زنده رهندو آهي اهڙن لکين ماڻهن مان اسان جو پيارو استاد لؤنگ خان عاجز پاٽو به هڪ آهي سائين جن جو جنم سنڌ جي تاريخي شهر نصرپور ۾ 05 اپريل 1938 ع ٿيو ۽ وفات 29 اپريل 2005 ع تي جنهن جي حساب سان سائين جن جي عمر 67 سال هئي سائين جن بنيادي طرح پرائمري استاد هئا پاڻ 27 سال پرائمري ۾ ۽ ڊيپوٽيشن تي 17 سال هائي اسڪول نصرپور ۾ سنڌي جو سبجيڪٽ پڙهايو يعني سائين جن 44 سال سرڪاري نوڪري ۾ رهي علم جا گل نڇاور ڪندا رهيا ان بعد به سائين جن علم جو وکر ورهائڻ نه ڇڏيو هر علم جي پياسي جي مدد ڪندا رهندا هئا جنهن ڪي علم جي جنهن سڱنڌ جي گهرج هوندي هئي اها ان جي پوري ڪندا هئا. سائين جو جيون هڪ کليل ڪتاب آهي جنهن تي جيترو به لکجي اهو ٿورو آهي سائين جن وٽ پرائمري نه پڙهيو هوس پر جڏهن هائي اسڪول ۾ آياسين ته سائين جن سان ملڻ ٿيو سائين جن گرامر جا ماهر هئا لفظ جي ڪڏهن اشتقاق وارو هوندو هو ته ان جي اشتقاق ڪري ٻڌائيندا هئا. مون کي اها خبر نه هوندي هئي ته سائين هڪ بهترين ڪهاڻيڪار شاعر ناول نگار مضمون نگار هوندو هو. جڏهن آئون انين ڪلاس ۾ پهتس ته ان وقت آفتاب اخبار ۾ احمد خان شيخ ٻارن جو صفحو ٻارن جي ٻاري ماهوار گل ڦل ۽ امن اخبار ۾ امن ليگ نڪرندو هو. هڪ دفعي منهنجي لکيل ڪهاڻي ڇپي ته سائين جن کي خبر پئجي ويئي سائين جن مون کي گهرايو ته مون کي ڊپ وٺي ويو ته خبر نه آهي ڪهڙي غلطي ٿي آهي جڏهن سائين جن وٽ اسٽاف روم ۾ پهتس ته مون کان سائين جن هڪ شفيق والد جي نموني ڳالهايو اها اخبار گهري مون سائين جن کي اهو صفحو ڏنو سائين جن پڙهي مون ڏي مرڪي ڳالهايو ۽ چيو ته سنو عمل آهي پر تعليم تان توجهه نه هٽائجان ائين آئون لکندو رهيس سائين جن

رهنمائي ڪندا رهيا. 1985ع اسان ڪجھ دوستن گڏجي شاھ لطيف رائيٽرز ڪلب ڪولي جنهن جي طرفان هڪ رسالو فوٽو اسٽيٽ سوجهرو پبليڪيشن ڪڍيو جنهن جو ڪاتب جيئند خان جهانگي هو. جڏهن سال پورو ٿيو ته اسان ان جي سالگره ملهائي سائين جن خاص مهمان هئا سائين جن مون کي چيو ته توهان کي سال جي رپورٽ پيش ڪرڻ گهرجي جڏهن پهريون دفعو اسٽيج تي آيس ته آئون ڏڪي رهيو هوس پر سائين جن منهنجي رهنمائي ڪئي اڄ آئون بي خوف اسٽيج تي ڳالهائي سگهان ٿو. سائين جن نه صرف اسان جي پر نصرپور مان جيڪي بيا رسالا دوست ڪڍندا هئا انهن جي به رهنمائي ڪندا هئا جنهن ڪري نصرپور مان هڪ ئي وقت ڪيترائي رسالا نڪرڻ لڳا ۽ ڪيترائي لکندڙ ادب جي ميدان ۾ آيا. جڏهن آئون پرائمري ٽيچر جي ٽريننگ ڪرڻ لاءِ حيدرآباد ويس ته سائين غلام حيدر سائين جن جي باري ۾ مون کان حال احول وٺندو هو. ان دوران اسان جا پريڪٽيڪل ليسن قاضي عبدالقيوم پرائمري اسڪول ۾ لڳا جتي جو هيڊ ماستر سائين محمد دائود بلوچ هو جيڪو هڪ سنو ڪهاڻيڪار هو ۽ منصور پبليڪيشن سندن هئي جنهن ۾ ڪتاب شايع ڪندو هو. هڪ دفعي ائين ويٺا هئاسين ته منهنجي آفتاب اخبار جي صفحي مارئي ۾ هڪ ڪهاڻي لڳي اسان دوست پارڪ ۾ هڪ ٻئي سان ڪچهري ڪري رهيا هئاسين ته سائين اوچتو ٻاهر نڪتو اسان کان ليسن هلائڻ جو پڇيو اسان چيو ته سائين اسان ليسن هلائي ڇڏيا آهن اتي هڪ دوست اوچتو رڙ ڪري چيو خادم پنهنجي پاڻ تي ڪهاڻي لکي اٿئي چا ته سائين يڪدم چيو ته ڪنهن ڪهاڻي لکي آهي دوستن منهنجي باري ۾ ٻڌايو سائين مون کي آفيس ۾ گهرايو مون کان پڇيو ته ڪٿي جو آهين مون پنهنجي شهر جي باري ۾ ٻڌايو ته سائين جن رڳو سائين لؤنگ خان ياٽو جي باري ۾ پڇيو جڏهن به اتي ويندا هئاسين سائين جي باري ۾ پڇندو هو هڪ دفعي مون کي چيائين ته سائين جن لکن پيا يا نه جنهن تي مون سائين جن کي چيو ته سائين مون کي خبر نه آهي ان تي سائين جن چيو ته عاجز ياٽو وڏو نالو آهي سائين هڪ سنو ڪهاڻيڪار ناول نگار آهي شاعر آهي جڏهن مون سائين جي زبان مان اهو ذڪر ٻڌو ته مون کي محسوس ٿيو سائين جو هيترو نالو آهي پوءِ به اسان کي خبر نه آهي ائين وقت پنهنجي رفتار سان گذرندو ويو آخري ڏينهن تي جڏهن ٽريننگ ڪاليج مان رليو ٿي رهي هئاسين سائين جن مون کي گهرايو هڪ بنڊل مون کي ڏنو ته هي محترم لؤنگ خان ياٽو کي منهنجي طرفان ڏجو ۽ ٻه ڪن ڪتاب مون کي به ڏنا. جڏهن اهو گفٽ مون سائين جن کي ڏنو ته سائين جن ڏاڍا خوش ٿيا. سائين جن پنهنجي ڪنهن به شاگرد کي آخري دم تائين نه وساريو جڏهن سائين جن ملندا هئا ته شفقت جي ياڪرن ۾ پري حال احوال ڏک سور خوشيون سڀ پڇندا هئا. بس سائين تي دل چوي ٿي ته دوستن سان ملي هڪ ڪتاب لکي ڇڏيان

مطلب تہ سائين هڪ اهڙو هيرو هو تعليمي ميدان جو ادبي ميدان جو جنهن تي جيترو بہ لکجي اهو ٿورو آهي. هتي هڪ ڳالهہ ضرور چوندس تہ سائين جي پوٽي مظهر ياٽو کي سائين جو مواد گڏ ڪري ڇپائڻ گهرجي جيئن دنيا کي خبر پوي تہ نصرپور ۾ ادب جي گلدان ۾ هڪ سهڻو گل هو جنهن جي سرهاڻ اڄ بہ واسجي پئي.

# ارپنا

انهن محبوب هستين جي نالي جي پنهنجي دل ۾ قوم جو اٿاه درد رکندڙ هجن ۽ جيڪي پاڻ کي تڪليف ۾ وجهي ۽ پنهنجا ڪم ڇڏي ٻين کي فائدو پهچائين.

قوم تان قربان جيڪو ٿو ڪري جان و بدن قوم ٿي پورا ڪري هر آن ۾ ارمان سندس

**عاجز**

# پيش لفظ

هن افراتفريءَ جي زماني ۾ سيڪنهن کي پنهنجي لڳي پيئي آهي مگر تڏهين به ڪي اهڙا سائينءَ جا سنواريا پيا آهن جن جو ڏنڏو ئي ٻن دلين کي ڏار ڪرڻ ۽ ٻن پيارن جي وچ ۾ ويچوڙو وجهڻ. هو جيسين ائين نٿا ڪن تيسين کين ماني ڪين وڻي ٿي ۽ گهر ٻارڻ يا هتي ٻاري هتي وسائڻ ۽ لائي چائي ڪرڻ اهو ته سندس ڏائي هٿ جو کيل هوندو آهي، پوءِ ان مان پلي ڪيترائي خراب نتيجا ڇو نه نڪرن. هن ناول ۾ به اهڙو ئي هڪ قصو پيش ڪري رهيو آهيان جنهن ۾ به پياريون دليون جي هڪ ٻئي تان ٻلهار هونديون هيون تن ۾ ويچوڙو وجهي کين ڏار ڪري پوءِ هڪ معصوم ۽ ٻالي ڀوليءَ دل کي پنهنجي دام ۾ آڻي ان کان اهڙا ته ذليل ڪم ڪرايا ويجن ٿا جو انهن جو نتيجو گهٽي وقت تائين ڀوڳڻو پوي ٿو هن ناول ۾ مارشل لا جي وقت جا نظارا ۽ ان مان ٿيل پهريان فائدا به پيش ڪيا اٿم.

عاجز نصرپوري

( 1 )

سپر دم بتو مائيہ خويش را
تو داني حساب کم ويش را

پرهہ ڦٽيءَ جو وقت هو. سج اڀرڻ ۾ اڃا بہ اڍائي ڪلاڪ دير هئي. هڪ طرف مؤذن مسجدين ۾ اذان ڏيئي رهيا هئا، تہ ٻئي طرف ڪڪڙ پڻ ٻانگن مٿان ٻانگون ڏيئي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڌڻيءَ جي ثنا ڪري، ڪڪڙو تون ٻوڪاري رب کي راضي ڪري رهيا هئا.

اذان پر اذان مرغ ديني لگا هي خوشي سي هر ايڪ جانور بولتا هي
درختون ڪي اوپر عجب چهچا هي سهانا وقت
ٺنڊي هوا هي اٿو سوني والو ڪہ تين آ يم هون

جيڪي سست ۽ بدبخت انسان اڃا مٺيءَ ننڊ ۾ ستا پيا هئا تن کي ڪڪڙ گويا غفلت مان سجاڳ ڪري ياد الاهيءَ ڏي سڏ ڪري رهيا هئا. پر جيڪي الله سائينءَ جا نيڪ بندا ۽ عابد ٻانها هئا، جن کي پنهنجي خالق جو خوف هو تن جي ٿڌيءَ هير هوندي بہ ننڊ ڦٽي رهي هئي ڪي اذان کان اڳ تہ ڪي پوءِ تڪڙا تڪڙا مسجدين ڏي وڃي رهيا هئا. ڪي وري قرآن جي دور ۾ مشغول هئا ۽ ڪي وري ذڪر فڪر ۾ لڳل هئا. مطلب تہ هرڪو پنهنجي پنهنجي نموني ڌڻيءَ کي ياد ڪري پنهن جي مداين جي معافي گهري رهيو هو. مسجدين مان بلڪل وڻندڙ من موهيندڙ روح کي راحت رسائيندڙ طرحين طرحين جا سرمدي نغما آلاپجي رهيا هئا، جن جي ٻڌڻ سان انسان تہ ٺهيو مگر پٿر بہ جيڪر پاٽي ٿي وڃن. هوڏانهن مندرن ۽ مڙهين مان وري سنک، ڪوڏ ۽ ناقوس جو آواز اچي رهيو هو. هڪ گهٽيءَ ۾ جو هڪ اولياءِ جو مقبرو ۽ ان پرسان اوتارو هو تنهن ۾ هڪ ملنگ فقير يڪتارو ۽ چمٽو وڄائي شاهہ لطيف جو هينيون بيت پڙهي بدن ۾ ڄڻ سيرون وجهي رهيو هو.

ستا اٿي جاڳ ننڊ نہ ڪجي ايتري

**تو جو ساٽيهہ پانيو سو مانجهاندي جو ماڳ**

**سلطاني سهاڳ ننڊن ڪندي نہ ملي**

هر قسم جو پرندو بہ پنهنجي پر ۾ پرور ڪي پڪاري رهيو هو.

مگر اجا بہ ڪيترا اسان جهڙا غافل انسان مٺيءَ ننڊ ۾ ڪونگهرا هڻي رهيا هئا ۽ ياد الاهيءَ کان محروم رهي، پنهنجو قيمتي وقت هٿان وڃائي رهيا هئا.

زاهد انهن سڄاڳ ۽ عابد انسانن جي لسٽ ۾ هو هميشه سوير اٿندو هو ۽ اڄ تہ هو هيڪاري هميشه کان گهڻو اڳ اٿي شاهہ صاحب جي هن بيت

**پوڪين تا نڪي پوک جيسين پاڻي اٿئي ٻار ۾**

**وٺ ويندئہ نڪري سڪي ٿيندي سوڪ**

**جت شد و لوڪ اتي سڪندي تون سنگ کي**

تي عمل ڪري رهيو هو. اٿڻ سان هو سڌو مسجد ڏي ويو، وضو ساري نماز باجماعت ادا ڪري، الله سائينءَ کي عجيب و غريب التجائون ۽ آزيون ڪري رهيو هو. ۽ سنڌ جي سڀني اوليائن ۽ بزرگن جو محابو وٺي، هر هر دعا گهري رهيو هو. عربي دعا گهرڻ بعد هن طرح منظوم ۽ مقبول مناجات پڙهي وڏيڪ دعا گهراڻ لڳو

**محابي پاڪ پيغمبر مدد ڪر يا خداوندا**

**نہ توريءَ ڪو اٿم واهر مدد ڪر يا خداوندا**

**1 – گناهن ۾ گتل آهيان نہ نڪرڻ جي آهي طاقت .**

**محابي ابو بڪر، عمر مدد ڪر يا خدا وندا**

**2 –ڪيم ڪڏهين نڪا نيڪي نہ نيڪن سان گذاريم گذ،**

**ڊجان ٿو تنهن جي دوزخ پر مدد ڪر يا خداوندا.**

**3 – عمل نامه جتي ترندا هٿين خالي اتي هوندس،**

**محابي عثمان و حيدر مدد ڪر يا خدا وندا**

**4 – لنگهائج لطف سان مون کي تون پرور پلصراط مٿان،**

محابي شافع محشر مدد ڪر يا خداوندا

5 – گناهن جا آهن گاڏا نہ هڪڙو ٻہ ٻہ ٽي،
مهر سان معاف سي تون ڪر مدد ڪر يا خدا وندا

6 – دنيا ۾ دين موچارو سندم ڪر تون سچا سائين،
محابي عشرة المبشر مدد ڪر يا خداوندا

7 – مرادون دل سنديون مڙئي اگهائج يا الاهي تون،
محابي فاتح خيبر مدد ڪر يا خداوندا

8 – دماغ من خدا وندا سدا جدت طرازي ڪر،
بنائج بي بها برسر مدد ڪر يا خدا وندا

9۔ بچائج شرڪ و بدعت کان علامه علم جو مون ڪر،
محابي گنبذ اخضر مدد ڪر يا خدا وندا

10 – وجي پيڙي حياتيءَ جي وڏي مون ڪن ۾ آهي،
تنهين مان ڪر ڪيڍي ٻاهر مدد ڪر يا خداوندا

11 – ٽيندي آئوٽ اج رزلٽ تنهين ۾ پاس ڪر پرور،
محابي ساقيءَ ڪوثر مدد ڪر يا خدا وندا

12 – ٻڏي نا پاس جو نالو ڏکي ٿو ڏيل اگي منهن جو،
محابي تون شبير و شبر مدد ڪر يا خدا وندا

13 – مہ ڪج رسوا دنيا اندر نڪي سنگت اندر سائين.
معزز ڪر دنيا اندر مدد ڪر يا خدا وندا

14 – عاجز تنهن جي ڪي سائين گهرائج سنڌ مان جلدي،
ڏسان روضو سندو سرور مدد ڪر يا خد اوندا

## 15 – مرڻ ويلي پڙهي ڪلمون اچان مان روبرو تنهنجي،
## جنت ۾ ناهه منهنجو گهر مدد ڪر يا خدا وندا

مناجات ختم ڪري ڪلمون پڙهي هٿ منهن تي ملي مسجد مان نڪري ٻاهر آيو ۽ گهر اچي وهنجي سهنجي ڪپڙا مٿائي نيرن ڪرڻ لڳو. مگر سندس نظرون هر هر ٽائيم پيس ڏي کڄيو ٿي وييون، ته ڪڏهين رزلٽ جو وقت گذري ته نه ويو؟.

۽ دل جو دل ۾ هو ڪئين خيال پچائيندو ٻاسون ٻاسيندو رهيو. زاهد لاءِ اڄوڪو ڏينهن خوشيءَ جو به اپريو هو ته ان سان گڏ غم ۽ فڪر جو به. ڇاڪاڻ ته آخرڪار امتحان هو. ڪيس پوري پڪ به نه هئي ته ڪو هروڀرو پاس ٿيندس جيتوڻيڪ امتحان ڏيڻ ۽ پيپرن لکڻ ۾ ڪا به ڪسر ڪانه ڇڏي هئائين حال سارو هر ممڪن ڪوشش ڪئي هئائين ۽ امتحان وارو سارو وقت اکين مان ننڊ گويا ڪيڏي ڇڏي هئائين، تنهن ڪري ڪيس پنهن جي مالڪ ۾ به پورو پورو ڀروسو ۽ يقين هو ته هو محنت وار جون محنتون اجايون نه وڃائيندو. اهو الله پاڪ جو سيني ساهه وار جي سنڀال ڪري ٿو ۽ هر هڪ روزي رسائي ٿو ۽ سيني پکين حيوانن ۽ انسانن تي ٻاجهه ۽ رحم ڪندڙ مالڪ مهربان آهي جو ڪنهن جي به ڪمائي وڃائي نٿو هر وقت هر ڪنهن ڪي ڪمائيءَ ۽ نيت جو ڦل ۽ پورهيو پلئه پائي ٿو سو مون ڪمتر کي به ڪين ڇڏيندو. مگر ان هوندي به اهو غم ڪيس هر گهڙي ڪائي رهيو هو ته معاذ الله جيڪڏهن ناپاس ٿي پيس ته ڪهڙو منهن ڪٺي سنگتين سان هلندس ۽ ڪهڙو منهن ڪٺي گهر مائٽن وٽ ويندس جن هيترا هزار خرچي مون کي پڙهايو آهي ۽ جن جي اميدن جو سهارو فقط آئون هڪ آهيان اهڙا خيال پچائيندو ڪاليج روانو ٿيو.

نيٺ زاهد جي غم لهڻ جو وقت آيو رزلٽ آئوٽ ٿي ۽ زاهد سٺن نمبر سان پاس ٿيو ۽ سٺي نمبر ملڻ سبب کيس ڪاليج طرفان انعام به حاصل ٿيو.

(2)

عشق ۾ زور نهي هي وه آتش غالب

جو لگا هي نہ لگي اور بجهاني نہ بجهي

جنهن ڪاليج ۾ زاهد پڙهندو هو ان ساڳئي ڪاليج ۾ شاهد بہ پڙهندو هو پر زاهد کان هڪ سال گهٽ هو ڇاڪاڻ تہ هن زاهد کان هڪ سال پوءِ داخلا ورتي هئي.

زاهد ۽ شاهد جي پاڻ ۾ دوستي هوندي هئي نہ فقط نالي ماتر دوستي بلڪ سندن سچي صحبت ۽ پاڪ محبت هوندي هئي. ايتري قدر جو هو هڪ ٻئي تان جان نثار ڪرڻ لاءِ تيار هوندا هئا، ۽ هڪ ٻئي کان هڪ ساعت بہ جدا رهڻ برداشت نہ ڪندا هئا. گويا اهي بہ بدن هڪ جان نظر ايندا هئا اصل ائين جيئن چيو اٿن

من تو شدم تو من شدي من ديگرم تو ديگري

زاهد ۽ شاهد ٻئي ساڳيءَ هاسٽل ۾ رهندا هئا. پر سندن روم البتہ ڌار ڌار هئا. اها ايتري دوري سندن محبت جا پيچ پاڻ پختا ڪندي رهندي هئي ڇو تہ چوندا آهن تہ پري وارو گل هميشه سرهو ٿيندو آهي. ازان سواءِ هنن جا روم تہ آمهون سامهون بہ هئا تنهن ڪري هر وقت اٿندي ويهندي سندن نظرون هڪ ٻئي سان وچي چار ٿينديون هيون، ۽ نظر ٽڪرائڻ شرط هڪ ٻئي جا نيڻ ٺري پوندا هئا. سندن سچي پيار جي ڪا حد ڪانہ هئي ٻئي دوست هڪ ٻئي تي ساھ پساھ ڇڏيندا هئا، نہ رڳو زاهد جي شاهد سان محبت هئي بلڪ شاهد جون زاهد سان ٻتيهہ دليون هيون. هو ٻئي گڏ اٿندا گڏ ويهندا گڏ کائيندا ۽ پيئندا گڏ گهمندا ڦرندا هئا. ايتري قدر جو هنن کي سڀ شاگرد يائر يعني هڪ ابي امان جا پٽ سمجهندا هئا ۽ هنن کي ڏسي چوندا هئا

يائر وڏي وکري شال حياتي هون

جيئري ٻر ٻانهن جو موئي ڪلها ڏين

زاهد ۽ شاهد منهن مهانديءَ ۾ خال و خط ۾ به ذري برابر فرق نه هو اصل ائين جيئن ڪي جاڙا ڄاول ٻار ! جيئن اهي هڪجهڙا ڏسبا آهن اهڙي ساڳي حالت هنن سان به هئي ٻنهي دوستن ڪي ڪچهري ڪنديءَ ۾ هڪ ٻئي ڏي نهاريندي پهر گذريو ويندا هئا. جيڪڏهن پاڻ ۾ خير صلاح جو يوڳ چرچو ڪندا هئا ته به ٻنهي دوستن ڪي پيار وچان اکين ۾ پاڻي تري ايندو هو. نه رڳو ايترو پر جي هڪڙو انهن مان بيمار ٿي پوندو هو ته ٻيو به پاڻ ڪي چاق نه سمجهندو هو انهيءَ مان ئي سندن محبت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

زاهد جيتوڻيڪ شاهد کان هڪ سال مٿي هو ته به ڪيس ڪو فخر يا وڏائي ڪانه هئي ته آئون هوشيار آهيان يا شاهد مون کان گهٽ آهي زاهد اڪثر ڪري نماز پڙهندو هو پر فجر واريءَ نماز سان سندس خاص دلچسپي هئي. پرھ ڦٽيءَ جي وقت جڏهين سڀ ستل هئا ۽ هو جو عالم هوندو هو تڏهين ڌڻيءَ جي عبادت ڪرڻ ۾ سجدا ڏيڻ مان زاهد ڪي سرور حاصل ٿيندو هو. صبح جو جڏهين جهرڪيون ڪڪڙ ۽ ٻيا پکي به چون چون ڪري پنهنجي پر ۾ پروردگار ڪي سارا هياٿين ٿا ان وقت انسان اشرف المخلوقات هوندي رب جي عبادت کان عاري رهي اها ڳالهه زاهد ڪي بالڪل ڏکي لڳندي هئي هو صبح جو از خود سوير اٿندو هو پر جي زاهد ڪجهه ٿڪل يا اوجاڳيل هوندو هو ته به پنهنجي روم ميٽن ڪي چئي ڇڏيندو هو ته ادا اوهان مان جنهن جي به صبح جو اڳ سار ٿئي سو مون ڪي ضرور نماز واسطي سڏ ڪري.

مگر شاهد نماز ڪونه پڙهندو هو ۽ پڙهندو هو ته به وقتي جمع چنداٽي مس ڪا پڙهندو هو.

آني ڪاني تي سو ساني هڪڙن دل مسيت سان پاڍي

جمعو پڙهن ڪي سي ٿيا آني عيد پڙهن سي ٿي سو ساني

جو ٿان پڙهن ڏينهن وار اهڙا جلدي ٿيندا خوار اهڙا جلدي ٿيندا خوار

شاهد اٿندو ته ٿورو سج اڀرڻ کان اڳ هو پر يڪدم ڏندڻ ڏيڻ يا ڦٽي ڦلڪي ۾ لڳي ويندو هو. زاهد نماز پڙهي سڌو شاهد جي روم ۾ ايندو هو ته ڪڏهين شاهد اڃا ستل هوندو هو ۽ ڪڏهين اٿيو هنڌ تي ويٺو هوندو هو. پر جيڪڏهن شاهد جو بسترو خالي هوندو هو ته زاهد پيار ۽ قرب وچان سندس هنڌ ۾ چند منٽن واسطي سمهي سندس رلي منهن تان وجهي پنهنجي سڪ ۽ محبت جي مستيءَ ڪي هلڪو ڪندو هو ڇاڪاڻ ته زاهد ڪي شاهد جي هنڌ جي رليءَ مان به شاهد جي محبت جو مزو ايندو هو پر جي نصيبن ڪنهن ڏينهن ٻنهي مان ڪو به ڪنهن ڪم يا موڪل سبب هڪ ٻئي ڪي نه ڏسندو هو ته اهو ڏينهن سندن سالن برابر گذرندو هو ۽ هڪ ٻئي ڪي ڏسڻ لاءِ واجهه پيا وجهندا هئا.

زاهد ۽ شاهد جيتوڻيڪ هڪڙيءَ ڄمار جا هئا مگر ان هوندي بہ زاهد جا خيال وسيع هوندا هئا. ۽ ڪيس مستقبل لاءِ هميشه فڪر ۽ خيال رهندو هو. شاهد جا خيال اڪثر ٻاراڻا ۽ محدود هوندا هئا سندس ڳالهيون ۽ گفتا نشت و برخواست بہ ٻارن جهڙي هوندي هئي سندس شڪل مان هميشه ابوجهائي نماڻائي ۽ بي پرواهي پيئي بڪندي هئي. پنهنجي وات ۽ سنهڙي چپن ۽ ڏندن ڪي چوري اهڙا تہ گفتا ۽ ٻول ٻوليندو هو جي زاهد لاءِ گدري ۽ ڪاتيءَ وارو ڪم ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح زاهد جي محبت شاهد سان ويران وير جيئن ٽڏ تيئن وڏ جي مصداق وڌندي رهي ۽ هو پاڻ کي جيئن پوءِ تيئن شاهد وٽ قيدي بنائيندو ويو.

جيتوڻيڪ کيس اها بہ خبر هئي تہ سدائين ڪنهن جي بہ هلٽي ڪانهي ۽ سڪ پنيان ڏک ضرور اچڻو آهي ۽

## غزه مشو براين گل رعنائي نو بهار

## باد خزان براين گل رعنا وزيدني است

جي مثال وانگر هڪ روز ضرور بهار کي خزان رسڻي آهي پر هو تمام مجبور هو ۽ کيس پنهن جي سچي محبت تي هميشه ناز هوندو هو. اهو عام اصول آهي تہ محبت جي اک عيب نہ ڏسندي آهي هو ائين چاهيندو هو تہ رڳو شاهد پيو ڳالهائي ۽ آئون ماٺ ڪري سندس گفتگو پيو ٻڌان, ۽ هڪ گهڙي بہ شاهد کان جدا نہ ٿيان نہ رڳو ايترو پر زاهد جا اهي بہ خيال هئا تہ شاهد جو ڪٿي هڪ آنو بہ خرچ نہ ٿئي. جيڪڏهن شاهد ڪٿي هڪ آنو خرچ ڪندو هو تہ زاهد هڪ روپئي خرچ ڪرڻ سان بہ پاڻ کي شاهد جي برابر نہ سمجهندو هو ازانسواءِ ڪاليجي ڪمن ۾ بہ لياقت لائق ۽ حال سارو هو شاهد جي هر ڪا مدد ۽ خدمت هروقت فراخدليءَ سان ڪندو هو۽ بلڪ چاهيندو هو تہ شاهد مون کي پلي تہ ڪنهن ڪم جو چوي ۽ پاڻ فقط هڪ هنڌ وينو هجي ۽ بس.

اهڙا تہ سندن پريت جا پيچ ۽ پيوند پختا پيل هوندا هئا جو زاهد هميشه ائين سمجهندو هو تہ يار جي يادگيري ۽ ملڻ جلڻ کان سواءِ بہ سندس حياتي زهر هئي.

( 3 )

زماني ۾ وفائيءَ جو رهيو ڪوئي اڪر ڪونهي
ستمگر ٿيا سڀئي سهڻا منجهن ڪوئي سڪر ڪونهي

سنڌيءَ ۾ اهو پهاڪو آهي تہ " ا هو وڻ ئي ڪونهي جو واءُ نہ لوڏيو هجي " گرميءَ ڪان پوءِ سردي، سکن ڪان پوءِ ڏک، الفت ڪان پوءِ ڪلفت، شاه مان فقير، فقير مان بادشاه. اهو هن دورنگيءَ دنيا جو دستور آهي ڪٿين شاه گدا ٿيا ڪٿين فقير بادشاه ٿيا تنهن وانگر قدرت کي آخر هنن جي محبت تي بہ جوش آيو تہ هنن ٻنهي جيئن هيترو وقت محبت ۾ سک جي ساگر مان منيون منيون سڪ جون سرڪون ۽ ماکيءَ جهڙا منا منا محبت جا ڍڪ پيري پنهنجي اڄ اجهائي آهي، تيئن هاڻي ڪين ڪجهہ وقت فراق جي ڪوسي پاڻيءَ جا ڍڪ ۽ جدائيءَ جي جهلڪ چکائجي ان ڪري اوچتو هڪ ڦيرو آيو ۽ هنن ٻنهي جي هڪٻئي کان ڌار ٿيڻ جو واءُ وريو.

دنيا ۾ هر ڪنهن جا چار دوست دشمن آهن ئي آهن جي جاني دوستن کي بہ هڪ ٻئي سان ويڙهائڻ ۾ خط حاصل ڪن ٿا. ازانسواءِ اڄڪلهہ ڪير بہ ڪنهن جي سک ۾ خوش ڪونہ آهي. سڪئي کي سهي ڪونہ بڪئي کي ڏئي ڪونہ سو نيٺ زاهد ۽ شاهد کي حاسدن ۽ مڏگهرن هٽي هڪ ٻئي کان باغي ڪري وڌو. خود ڪاليج بلڪ هاسٽل اندر ئي ڪيترا اهڙا قلب ڪارا هئا جن کي زاهد ۽ شاهد جو پيار بہ هڪ اک نہ وڻندو هو ۽ هو اٺئي وينئي سندن جدائيءَ لاءِ دعائون گهرندا رهندا هئا. تن جي گلائن ۽ غيبتن هر چغور هٽي وجي هنڌ ڪيو. ۽ شاهد ڪنهن معمولي ڳالهہ تان زاهد سان ڪاوڙجي وجي دشمنن لوفرن ۽ حاسدن جي ور چڙهيو ۽ هڪ ڏينهن ۾ با وفا مان بي وفا ٿي پيو ۽ زاهد جو ڪوبہ گن يا ٿورو ڪيس ياد ڪين آيو بلڪ ٻين جي ٿورڙيءَ ڦليءَ تي يڪدم دشمن ۽ سرڪش بنجي بيهي رهيو. اهو تہ اصل کان اصول آهي تہ جاني دوست ڪاوڙبو آهي تہ دشمن بہ جاني بنجي پوندو آهي. ۽ جاني دشمن جي پرچندو آهي تہ دوست بہ جاني ٿي پوندو آهي ان وانگر شاهد بہ زاهد جو جاني دوست مان ڦري جاني دشمن بنجي پيو. زاهد کي اها خبر ڪانہ هئي تہ

صورت گهڻو سهڻا ٽاٽا سندن ٽوهہ

## ريلو ڏئي روح جو ڪائي سو ڪامي مري ( شاھ )

زاهد ائين بہ نٿي سمجهيو تہ شاهد اندر ڪارو ڪانءُ ٻاهر ٻولي هنج جي وانگر آهي نہ تہ جيڪر شاھ جي نصيحت وانگر اهڙو ٺلهو ٿانءُ گهڻو اڳ ڀڄي چڙي ها ۽ ساڻس اهڙا پريت جا پختا پيچ ڪين پائي ها، پر هاڻي چا ٿي ڪري سگهيو جو پيار سندس دل ۾ شاهد جي تصوير چٽي چڪو هو. جا ڪنهن بہ صورت ۾ متجٽي نہ هئي.

(4)

## ڪنيس ڪويچن تن طبيب نہ گڏيا
## ڏيئي ڏنپ ڏڏن پاٽان ڏيل ڏکوئيو ( شاھ )

شاھد لچن ۾ لوفرن جي آور ۾ اچي زاهد جو ذري برابر بہ خيال ڪين رکيو. اٽلو نون دوستن جي چوڻ موجب هر وقت زاهد توکون ۾ مذاقون ڪرڻ لڳو. ۽ اڳي جو زاهد جي ساراھ مان ڪين ڊاپندو هو سو هاڻي سندس گلا ۾ شڪوه ڪي ماني ٻوڙ سمجھي ان جا ڪوسا ڏيک پرڻ لڳو. مٿي ذڪر ٿيل آهي تہ سندس خيال ٻاراڻا هوندا هئا تنهن ڪري ٻچڙن جي سنگت هن تي جادوءَ جو اثر ڪيو ۽ ڪيس دنيا جو تہ اڳ ايترو آزمودو ڪونہ هو ۽ نڪي برو ڀلو سمجھي ٿي سگھيو تنهن ڪري ويران وير ويو دشمنيءَ جي چار ۾ ڦاسندو جيئن چوندا آهن تہ

**چڱن سان چاھ پئي جنهن من ميڙا ڪئي**
**سو رڱبو نہ تہ بہ ڪڪوربو سهي**
**پر چورن سان چاھ پئي جنهن من ميڙا ڪئي**
**سو جهلبو نہ تہ بہ ڪوٺائبو سهي**

زاهد کيس ڪافي سمجهايو ۽ پنهن جي ماضيءَ جي محبت جون جديد ۽ قديم ڪهاڻيون ٻڌائي ۽ اکين ۾ آب آڻي پنهن جي پاڪ محبت جو نئين سر اظهار ڪرڻ لڳو پر چوندا آهن تہ چري ڪيئن چي ويران وير وڌ. تنهن وانگي زاهد جي هدايتن ۾ منتن جو شاهد جي دل تي اهڙو اثر ٿيو جهڙو نقش بر آب. هيڪاري زاهد جي التجائن ۾ آزين سبب وڌيڪ ڦونڊبو ويو.

زاهد شاهد جي انهيءَ هڪدم جدائيءَ جو صدمو سهي ڪين سگهيو ۽ بالڪل بيتاب ٿي پيو. ڪيس وقت جي هر گهڙي نهايت ڏکي گهارڻي ٿي جيئن شاھ صاحب فرمايو آهي تہ

**جتي جيتريون لکيون لوح قلم ۾**
**تتي تيتريون گهڙيون گهارڻ آئيون**

زاهد ويچارو هزارين حيلا هلائڻ ۾ لڪين ليلڙاٽ ڪرڻ لڳو پر ڪجهه حاصل نه ٿيو ۾ ڪيس يار جي ياد هردم ستائيندي رهي ۽ دل جو دل ۾ هيئن چئي پاڻ کي ڏيءَ ڏيڻ لڳو

**جنهن جي مداين جي ڪل پريان پيئي**

**ڪڏهين ڪو سانه ٿيا ڏوراپا ڏيئي**

**ساجن سيوئي ڊڪينم ڊول ڊلائيون ( شاهه )**

شاهد جي فراق جا ڦٽ زاهد کي نه رڳو ڏينهن جو ستائڻ لڳا پر رات جو خواب ۾ به طرحين طرحين تير ڪيس چيندا رهيا جنهن ڪري اڪثر سندس رات جو ننڊ به حرام ٿيڻ لڳي. ٻن ٽن ڏينهن ۾ هن جي حالت تمام چرين ۽ مستن واري ٿي پيئي. ۽ پنهن جي منهن خبر نه آهي ته ڇا ڇا پيو بڪندو هو. چوندا آهن ته

**جت باهه ٻري سا جاءِ جلي، ڪهڙو سيڪ اچي پاڙي وارن کي.**

۽ هيئن به چوندا آهن ته

**لڳي هو وئي ته ڪل پوئي. نه ته پڇ لڳيان واليان ڪنون.**

هرڪو هن جي اها حالت زار ڏسي ٺٺس ٺوڪون ۽ مسخريون ڪرڻ لڳو پر پنهن جي اندر جي فقط ڪيس خبر هئي ڇو ته ريون ڇا ڄاڻن راڳ مان. جن جي ٻولي ٻي،

زاهد هيترن ڪاليجي دوستن هوندي به پاڻ کي اڪيلو سمجهڻ لڳو. نه اٿئي آرام نه ويٺي ورونهن نه ڪچهريءَ مان قرب. نه ڪاڏي پيتي مان خط حاصل هوس. نه هاسٽل سان حب نه پڙهڻ سان پريت مطلب ته

**دنيا وسيع هوندي انتي ٿي تنگر آهي**

**جانب به هاڻ جو ٿي ان ساڻ جنگ آهي**

اهي ساڳيا روم ۽ ڪمرا ڪيس ڪائڻ ايندا هئا ڇو ته - ماڙيون ڀانيان ماتام، عمر آرام اندر نه آهي ته جي مصداق جيءَ سان جنگ لڳل هيس اهو ئي ڪاليج هو اهائي هاسٽل ۽ اهيئي روم هئا مگر هڪ دل بدلجڻ سان سڀ جڻ ڏاريان ٿي پيا هئا

**دل گلستان ٿا تو هر شي سي ٽپڪتي ٿي بهار**

**دل بيابان ڪيا هوا عالم بيابان هوگيا**

زاهد سارو ڏينهن منهن ويڙهي پيو هوندو هو. ڪڏهين شاهد تي سندس نظرون پئجي وينديون هيون تہ شاهد جي شوخ چشمن جو تاب نہ جهلي جهڪي وينديون هيون. ۽ پنهن جي منهن رت جا جهڙا لڙڪ هاريندي‌يون رهنديون هيون. ڪيترائي همدرد دوست سمجهائيندا هئس تہ بہ ڪنهن جي ڪين ٻڌندو هو. يا تہ سڄڻ ٻڌ سڀ ڪنهن جي رهہ پنهن جي ۽ تي پورو. جي مثال ٻڏي سٽي ماٺ ۾ رهندو هو پر دل ڪي سمجهائڻ سندس وس ڪان ٻاهر هو. هو مانيءَ بدران فقط پاڻيءَ جا گلاسن مٿان گلاس پيئندو هو ڇو تہ

سڙان پچان پڄران لچان ۽ لوچان

تن ۾ تونس پرين جي پيان نہ ڏاپان

جي سمونڊ منهن ڪريان تان سر ڪيائي نہ ٿئي

جي مثال وانگر سندن بدن ۾ بہ برهہ جي باهہ اڌما ڏيئي رهي هئي. هن زهر ڪي زهر ڪري ڪين تي ڄاتو سندس منهن جو رنگ لعل ۽ سرخ بدران ڪارو ۽ پيلو نظر اچي رهيو هو ۽ اکين مان ائين سمجهبو هو تہ هيءُ ڪو مهينن جو بيمار آهي.

( 5 )

**وڍي جي وڍياس وبج ٻه سيئي ٽيندام**
**ترت ٻڏندا پٽيون راز ڪريندا راس**
**هينئڙا تنهين پاس گهار تہ گهائل نا ٿئين ( شاهه )**

زاهد پنهنجو پاڻ کي بد نصيب سمجهڻ بلڪ پنهن جي نصيب کي لعنتون ڪرڻ لڳو. جيڪڏهن ڪوبہ دوست ڪانئس ان حالت بابت پڇندو هو تہ ان کي اول تہ ڪو جواب ڪونہ ڏيندو هو پر نيٺ گهڻي تنگ ڪرڻ تي جواب ڏيندو هو تہ

**پيئي ڪٽي پساهه پسڻ خاطر پرينءَ جي**

يا تہ پنهن جي منهن هيءُ بيت ورد زبان هوندو هوس

**پنهل ري پهت ٻيو ڪهڙو اٿئي پنيور سان پوري**
**جيئن چو ٿي جتن ڏاران محبن ريءَ تو مرڻ گهرجي**

زاهد جو ڪاليج ۾ هيءُ آخرين سال هو. جنهن جو امتحان بہ جهڙو تهڙو ڏيئي جند ڇڏايائين. يا تہ اڳ سٺي نمبر اچڻ لاءِ ڪيترين باسون باسيون هئائين ۽ رب جي در ڪيترين آزيون التجائون ڪيون هئائين ۽ هينئر هن کي امتحان ۽ رزلٽ جي ڪابہ اون ڪانہ هئي. آخر رزلٽ آئوٽ ٿي جنهن ۾ فرسٽ ڪلاس جي بجاءِ ٿرڊ ڪلاس ۾ مس مس پاس ٿيو. شاهد کي اڃا هڪ سال تعليم حاصل ڪرڻي هئي، مگر زاهد جو ڪاليج ۾ رهڻ جو مدو ختم ٿي ويو. جنهن ڪري ڪاليج ۽ هاسٽل مان سندس حساب چڪتو ڪري ڪيس موڪل ڏني ويئي. مگر زاهد ڳوٺ وڃڻ بجاءِ ڪيتري وقت تائين هاسٽل ۽ ڪاليج جي چو ديوارين جي چوڌاري ڀٽڪندو رهيو. مانيءَ ڪاڏي بہ ڪئين ويلا گذري ويس. سنوارڻ نہ تهرائڻ سبب شڪل ڀوائتي بنجي ويس. هر هر عذا ساهه ڀريندو ۽ فراقي بيت پڙهندو رهيو.

**تمنا دل نہ ٿي پوري جلي ويو جگ ۽ جيرو**

## جڏهين موٽي سندم حق ۾ جدائي دلربا آئي

جني لاءِ مياس سي ڪانڌي نہ ٿيا جي مصداق شاهد تہ ڏانهس نهاريو بہ ڪين اٿلو نون سنگتيني سان گڏ مٿس ٺوڪون ۽ چٿرون ڪرڻ لڳو. جن ڪان زاهد جي دل تي گويا تير لڳندا هئا ۽ پنهن جي منهن پورن ۾ پڇي ڪنهن ڪنهن وقت اهڙيون ڪافيون ۽ فراقي بيت وٺي چوندو هو جو هلندن ماڻهن کي بيهاري ڇڏيندو هو جيئن تہ

## ڪافي

ٿلهہ : سوا تنهنجي سڄڻ سائين ڪنهن سان روحڙو ريجهائيندس

ڪريو ياد سڄڻ توکي نيڻن مان نير هاريندس

1 ـ رسڻ جي تو وٺي عادت منهن جي ڪنهن کي ڪبي پارت

نماڻا نيڻ ڪٽيو تو ڏي تنهنجون واٽون نهاريندس

2 ـ ڪريو دانهون اکنڊ آهون نهاريان روز شب راهون

عمر ارمان ۾ تنهنجي اکين سان آب آڻيندس

3 ـ صدائون پيو ڪندس ساري پرين پل پل ۾ پوڪاري

هيم تو ۾ اميدون ڪئين سدا گڏ ڏينهن گهاريندس

4 – ڳڻن پريون تنهنجون ڳالهيون سدا عاجز کي لينايون

ملڻ تو محب جي خاطر جڏو جيءُ پيو جياريندس

آخر ڪار زاهد جي حالت زار جي خبر چار سندس مائٽن کي پئجي ويئي سي سندس سڌ سار لهڻ لاءِ اتي آيا ۽ زوريءَ ڳوٺ وٺي ويس ڪيس شادي ڪرايائون ۽ ڪا نوڪري بہ وٺائي ڏنائونس جنهن مان چڱو پگهار ملندو هوس ازانسواءِ مشغوليءَ سبب سندس دماغي خلل بہ گهٽ ٿيندو رهيو ۽ وڃي ڪجهہ هوش سنڀاليائين مگر ان هوندي بہ جڏهين ڪا شاهد جي ڳالهہ ياد ايندي هيس يا سندس هٿ جي شيءِ ڏسندو هو تہ بي سڌ ٿي ويندو هو ۽ رڳو وينو روئندو هو. آخر ٻيو ڪو حيلو وسيلو نہ ڏسي خط پٽ جو سلسلو جاري ڪيائين ۽ دل کي هن طرح ڏڍ ڏنائين

## ٿا نصف الملاقات خط کي چوان

## ملاقات ڪامل بہ قادر ڪندن

پر اڳيان بہ هڪ سنگدل انسان شاهد هو سو خطن جا جواب ڏئي ڇو ٿو؟ زاهد خطن وسيلي ڪافي عاجزيون ۽ التجائون ڪيون مگر اڳيان جواب ڪان ٿي جواب شاهد اڄ ڏينهن تائين نہ ها ڪئي نہ هون.

هڪ منظوم خط هن طرح لکيائين

فضيلتماب ڏي جواب لکين ليٽر لکيل آهن،
هٿو هٿ توکي اي حاکم ڪئين پرزا پڳل آهن.
1 ـ هاٺي هيءُ پيار جو پرزو اوهان ڏي اچي ٿو دلبر،
جوابن لئہ سندم جاني اوهان ڏي هٿ جهڪيل آهي
2 – آهيان بيمار فرقت کان پڇڻ مونکان پرين نہ آئين،
توکي سڀ سڌ خبر آهي قاصد منجيل آهي
3 – اوهان کي خواب ۾ مان روز راٽا ڏسان ٿو پر،
مگر ڇا ڪري سي خواب سڀ ڪوڙا ٿيل آهن
4 – عاجز کي سڌي ساجن بيهاريندين ڪڏهين پر ۾،
الله جو سونهن الاهي ڪي عرض آن کي ڪيل آهن

ٿورن گهڻن ڏينهن بعد زاهد کي پت پئجائو هن شاهد جي محبت تازي ڪرڻ لاءِ پت جو نالو شاهد رکيو. ان بعد زاهد جي حالت اڳئين کان ڪجهہ نہ ڪجهہ روزانہ سڌرندي رهي، ۽ هو پنهن جي پياري پٽ کي سڀ ڪجهہ سمجهي ساڻس اها ساڳي شاهد واري پاڪ محبت ونڊڻ لڳو. پر شاهد اڃا بہ سندس دل تان وسريو ڪونہ هو. شاهد جيتوڻيڪ ڪيس خطن جا جواب بہ ڪونہ ڏيندو هو مگر زاهد پنهن جي اڳوٽي عادت موجب متان چوي بلوچ تہ ڪمينيءَ مان ڪين ٿيو. جي مصداق خط لکندو

رهيو. ازانسواءِ آئي وئي ڪان شاهد جو احوال ۽ بد صحبتيءَ جون ڳالهيون بہ ٻڌندو رهيو. زاهد هميشه شاهد جي خط جي آخر ۾ هيءَ مصرع لکندو هو.

زمين هو جائي ڪاغذ ڪي، سمندر هو سيهي ڪا
قلم ڪچ لک نهي سڪتا بيان غم جدائي ڪا

رهين شل شاد ۽ آباد دنيا ۾ پيارا تون اسان جي موڪلاڻي آه چڱو هاڻي خدا حافظ. زاهد کي شاهد بابت اهي بہ خبرون پونديون رهيون تہ هو ڪاليج جي عرصي ۾ ئي وڏو غنڊو ۽ جيب ڪترو بڻجي ويو آهي. نيٺ هڪ ڏينهن اها خبر پيس تہ شاهد پڪڙجي جيل روانو ٿيو آهي. دل تي تہ سخت چوٽ لڳيس پر نڪي ڪجهہ ڪري ٿي سگهيو نڪي اتي وڃي ٿي سگهيو. جيتوڻيڪ خطن رستي گهڻيون ئي هدايتون ڏنائينس پر لا حاصل. شاهد جيل ۾ ڏاڙيلن، خونين، ڌاڪن جي سنگت ۾ رهي وڏو ڌاڙيلن جو ڌاڙيو بڻجي ٻاهر نڪتو.

(6)

## رفيقن راهه ۾ چڙهيو عزيزن ۾ عداوت پئي
## نتيجو نيٺ هي نڪتو پرين جي پاسداريءَ جو

وقت گذرندي ويرم ئي ڪانه ٿي ٿئي. صبح تان شام، شام تا صبح، ڏينهن مان هفتا ۽ هفتن مان مهينا ۽ سال گذرندا رهيا. زاهد جي دل تي جي فراقن جا ڦٽ هئا سي بہ زماني جي هر مرهم سان آهستي آهستي ڇٽندا رهيا. زاهد پنهن جي نوڪري بہ نهايت ايمانداريءَ ۽ خلوص نيت سان ڏيندو رهيو. تنهن ڪري بالا آفيسر بہ ڪيس نهايت گهڻي عزت ۽ مان ڏيندا هئا. اهو تہ ظاهر آهي تہ چڱي ڪم جي پڇاڙي ۾ نتيجو بہ چڱو نڪرندو آهي. ۽ بڇڙائيءَ جو ڦل بہ بڇڙو ٿيندو آهي. ان ڪري زاهد کي پنهنجي نيت جي صفائيءَ جي عيوض ڪيترائي عهدا ۽ چانسون ملندا رهيا، نيٺ وڃي جج ( مئجسٽريٽ ) جي عهدي کي رسيو. ان عهدي ملڻ ڪري نہ رڳو زاهد پاڻ ۽ سندس مائٽ خوش ٿيا بلڪ اوڙو پاڙو غريب غربو سيڪو خوش ٿيو. چاڪاڻ تہ چڱي ۽ ايماندار اشراف ماڻهوءَ ۾ هر ڪنهن جي پتي ۽ حصو آهي. زاهد وٽ روزمره ڪيترائي ڪيس فيصلو ڪرڻ لاءِ ايندا هئا، جن ۾ پاڻ خدا جي مدد ۽ عقل و ضمير چاڻ سارو ڪيترن ئي کي پنهن جي ڏوهن جي سزا ڏيندو هو ۽ ڪنهن بي ڏوهيءَ کي سزا نہ اچي وڃي جي ائين ٿيو تہ پوءِ يوم قيامت جتي خود قادر قاضي ٿي فيصلا ڪندو اتي ڪهڙو جواب ڏيندس، جتي نڪي وڪيل وڙانڪي منشي مڙها هوندا ۽ خود سندم عضوا مٿم شاهد ٿي بيهندا. هوڏانهن وري سندس دوست شاهد لوفرن جي صحبت ۾ وڏو ڌاڙيل ۽ ڌاڪو بنجي پيو. جيل مان نڪرڻ بعد وڏن وڏن چورن جي ٽولين سان گڏجيو ڌاڙا هڻندو هو. پنهنجي پاڙي وارن ۽ آس پاس جي غريبن ۽ مظلومن کي ستائڻ ۽ ڌڪوئڻ ۾ ڪيس مزو ايندو هو. مروان موت ملوڪان شڪار جي مثال مطابق زالن ۽ ٻارن جي ڪيهن ۽ دانهن مان ڪيس لطف ايندو هو. اهڙو سنگدل بنجي پيو جو زالن جي عزت تي حملو ڪندي بہ ڪيس ڪو حيا ڪونہ ايندو هو. ڪوبہ آدمي منجهانئس خوش نہ هوندو هو. پر لاچار سندس اڳيان ڪجي ڪونہ سگهندو هو. جيڪڏهن ڪجهہ ڪچندو هو تہ ايندڙ رات شاهد جي ساري ٽولي سندس مهمان هوندي هئي.

شاهد جا خيال اچ ڪلهه تمام مٿي هئا هو ائين پائيندو هو ته آئون زمين بجاءِ آسمان تي هلي رهيو آهيان ۽ هلڻ وقت مٿي ڪنڌ سيڌي ٽوپي ٽنڊ تي رکي، هٿ وڏائيءَ سان هلندو هو ۽ ڪنهن ۾ به سندس اک ڪين ٻڌندي هئي. ۽ هو ائين سمجهندو هو ته مون جهڙو بهادر چور ۽ ڏاڙيل دنيا ۾ ڪو ورلي هوندو. پاڙ ڪي پنهنجي ٽوليءَ جو شهنشاهه شاهد چوائيندو هو. سندس ساري ٽوليءَ کي هر وقت اهوئي خيال هوندو هو ته اچ رات ڪهڙي شاهوڪار جو گهر لٽيون ۽ صبحاڻي ڪنهن تي وڃي ڪڙڪون. هو پنهنجي شڪار جو پورو اڌ ازخود وسوارن عملدارن اڳيان نذراني طور رکيو ايندو هو جنهن ڪري ڪيس ڪنهن جو به ڊپ ڪونه هو ۽ پنهنجي من مانين ڪرڻ ۾ ڪيس ڪوبه آڏو اچي ڪونه سگهندو هو.

چوندا آهن ته جهڙي صحبت تهڙو اثر ۽ هيئن به چوندا آهن ته ڪارو ٻڌ ڪمري پرسان ته رنگ نه مٽائيندو ته به اوساڻ ضرور مٽائيندو. تنهن وانگر شاهد به ظالمن ۽ جاهلن سان گڏ رهندي پڙهيل مان اڻ پڙهيل جاهل ۽ ظالم بنجي پيو چو ته اهو قاعدو آهي ته چور هميشه چوريءَ جون صلاحون ڏيندو ۽ نمازي هميشه نماز جون صلاحون ڏيندو ۽ موالي هميشه نشي واپرائڻ جي نصيحت ڪندو. ڪوئلي ڪاڻ ۾ جو به ويندو سو ڪارو بنجي پوندو. تنهن ڪري حقيقتن شاهد جو ڪوبه ڏوهه ڪونه هو. ڇاڪاڻ ته سندس صحبت ئي اهڙي هئي، تنهن ڪري ڪيس به لا محاله اهڙو ٿيڻو هو.

(7)

## بترس از آه مظلومان که هنگا مئہ سحر گفنڊ
## اجابت ازدر حق ٻر استقبال مي آيد

پهاڪو آهي تہ ظلم قائم آهي مگر ظالم قائم نہ آهي ۽ هيئن بہ چوندا آهن تہ اوٺنيهہ ڏينهن چور جا تہ ٽيهون ڏينهن ساڌ جو. تنهن وانگر جن غريبن سان ظلم ٿيا تن جي دانهن بہ ڌڻيءَ جي درگاهہ ۾ اگهاڻي جنهن درگاهہ ۾ دير آهي پر انڌير نہ آهي. اهي غريب ۽ شريف جن جي ڏينهن جي سخت پورهئي هوندي بہ راتين جي ننڊ حرام هئي، تن جي آزي ۽ التجا بہ هٽي وڃي هنڌ ڪيو. ملڪ ۾ هڪ زبردست انقلاب آيو جنهن جي زبردست لهر ۾ چور ڌاڙيل ۽ ٻيا هر طرح جا ظالم ائين لڙهي ويا جيئن ڪو ڪک پاڻيءَ جي وهڪري ۾ وهندو آهي. جن چورن ۽ ڌاڙيلن توڙي بليڪي شاهوڪار واپارين غريبن جو چوَر وانگر رت چوسيو هو. ۽ پنهن جون بلڊنگون غريبن جي رت جي گاري سان اڏيون هيون ۽ جن وزيرن ۽ ميمبرن توڙي عملدارن غريبن جي وات مان لقمو ڦري پنهنجي ۽ پنهن جي ٻارن جا پيٽ ٿلها ڪيا هئا، جن ڪامورن رشوتون ورتيون ۽ جن واپارين ملاوٽون ڪري ملڪ و ملت جو خانو خراب ڪيو هو انهن تي ئي اول انقلاب جي ڏنڊي جو مارو ٿيو. سيٺي سيٺين، واپارين ۽ آفيسرن کي پنهنجي ملڪيتن جا انگ اکر پيش ڪرڻ جا آرڊر مليا. جيڪي واپاري وڏا نفعا وٺي رعيت کي پيڙهيندا هئا تن لاءِ اعلان ٿيو تہ هو پنهنجي دوڪانن تي هرهڪ جنس جي اگهن جي لسٽ لڳائين ۽ ڪوبہ دڪاندار مقرر شده اگهہ کان وڌيڪ وٺي نٿي سگهيو. جن چورن ۽ ڌاڪن ساري ملڪ ۾ ٻاهہ ٻاري ڏني هئي تن کي ڳولي جيلن ۾ پريو ويو. جيڪي روپوش هئا تہ پنيان وارنٽ ڪڍي انهن جي گرفتاريءَ لاءِ انعام مقرر ڪيا ويا. اڳي اهي چور چوريون ڪري اڌ ملڪيت آفيسرن کي پهچائي ايندا هئا ۽ اهي باقي اڌ مان عيش عشرتون پيا ڪندا هئا. اهي سڀ سندن ڪرتوت ختم ٿيا. نہ رڳو ايترو بلڪ انهن رشوتي عملدارن کي بہ گرفتار ڪري وڏيون سزائون ڏيئي موتمار ڏنڊ وجهي ۽ ڪن کي صفا ڊسچارج ڪري گهر ويهاريو ويو. جن سمگلرن سون چاندي وغيره جي واپار مان ملڪيتون بنايون هيون تن جون اهي ملڪيتون تہ ضبط ٿيون پر کين بہ ڦٽکن جون سزائون

ڏيئي سڀ سچيون ڪرائي پوءِ ڪيس هلائي سزا ڏني ويئي جا ستن سالن تائين جيل ۽ پنج هزار ڏنڊ کان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ ڪانه هئي. ايترو ته انقلاب اچي ويو جو سون چاندي ۽ پيون سمنگل ٿيل جنسون جهنگهن ۾ ڊگ ٿيون پيون هونديون هيون, ملاوتي مال سڀ هارجي ۽ ساڙجي ختم ٿي ويا. شاهد لاءِ به هيءَ وقت ڏاڍو نازڪ اچي ويو هو اهي عملدار جي سڀ سندس ڇاڙتا ۽ هٿ ٺوڪيا همراه هئا جي رشوتون وٺي اٿلو فريادين کي دٻائيندا هئا. سي سڀ پنهنجي پوزيشن رکڻ ۽ ساهه ٻچائڻ ۾ عاجز هئا. ۽ هن وقت هو تمام ايماندار ڏسجڻ ۾پئي آيا, جڻ ته هنن پنهنجي ساري سروس سچائيءَ ۽ شرافت سان گذاري آهي. اڳ جن چورن کان پتيون ملڻ بعد اٿلو چور ڪوتوال کو ڊانٽي جو مثال هوندا هئا تن سان هينئر هو ڳالهائڻ ته ٺهيو پر پريان سلام به ڪونه ڪندا هئا. شاهد تي انقلاب اچڻ کان اڳي چار پنج ڪيس هئا مگر انهن جي هن کي ڪا پرواهه به ڪانه هوندي هئي. اٿلو هو فريادين کي دٻائيندو هو ڇو ته اهو زمانو هٿ جن جڳ هينئن پهرين پتڻ سي لنگهيا وارو هو تنهن ڪري هو روزانه چوريون ڪري وڪيلن ۽ پين آفيسرن جا ڪيسا پر ڪري ڇڏيندو هو. گويا ـ موچيءَ جا گهڙيا موچيءَ کي لڳن ـ وارو مثال هو. ان ڪري ڪيس ڪنهن به سزا وغيره جو ته گمان به ڪونه هو چوندا آهن ته ـ پئسي سان جا نه ماسي سابه ماسي ـ هيئن به چوندا آهن ته پئسي واري جا سالا سوين پر ڪتل جو ڪو پيٽويو به ڪونه ٿئي.

مگر هينئر ته اهو وقت ڪونه هو. تنهن ڪري شاهد ۽ سندس ساٿي به ٽڙ ٽڙ ڪنبي رهيا هئا. هنن چوريون ڪرڻ ته ڇڏيون پر رڳو ساهه بچي ته لڪ ڪتيائون. شاهد وٽ به جيڪو پئسو پنجڙ هو سو ته ڇئن پنجن ڪيسن سبب ٻن ڇئن مهينن ۾ کپي ويو. پلا اپت هجيئي نه رڳي کپت سو ڪاڏي ته کوهه به کٽي وڃن. . آخر سندس ڪيسا خالي ٿي ويا تنهن ڪري وڪيلن جون فيون پري يا پنهنجو پيٽ گذر ڪري مطلب ته هنن لاءِ ڏاڍو مشڪل وقت هو.

پهاڪو آهي ته "پير عيسيٰ پير موسيٰ پر ٻڙا پير پئسا " پيسن سان ناممڪن ڪم به ممڪن ٿي سگهي ٿو. اڄ ڪلهه پئسي کي ايتري ته عزت آهي جو عام چوٽي تي ويئي آهي ته ـ جنهن جي گهر ۾ "داٽا تنهن جا چريا ڪريا به سياٽا " "جنهن جي گهر ۾ ان جي پلي تنهن جي ذات سب کان پلي " پر پئسو شاهد آڻي سو ڪٿان آڻي ؟ سندس شڪار ڪرڻ وارا ته ٻيلائي ٻار جي ويا جي تا رڳ رڳين سي چروئي چلي ويا موتايو تا نيڻ ماٿهو ميرا ڪپڙا ـ انهن سيني ڳالهين سبب شاهد ڏاڍو ششدر ٿي پيو. ڳوٺ ۾ به سندس رائي پوري سوري هئي. پلا ڪنهن سان ڪڏهين ڪا چڱي ڪئي هجيس ته پيو به ڪو اڳيان مدد جو هٿ ڏئيس. تنهن ڪري پنهنجا ڪرتوت ياد ڪري ڪنهن کي سوال ڪرڻ کان اڳ شرم ۾پيو ٻڏندو هو. سندس اڳيان دوست جن جي صحبت ۾ هن حالت کي رسيو هو

سي بہ پنهنجي جند آزاد ڪرڻ ۾مشڪل هئا. پوءِ هن جي کهڙي مدد ڪري سگهندا ازانسواءِ اهي سڀ چڙهئي سان هئا ڪرئي سان ڪير بہ ٻڌل ڪونهي. وڪيلن کي فيون نہ ملڻ سبب هو بہ ڪنهن شنوائيءَ تي ايندا هئا تہ ڪنهن تي نہ. ان سبب شاهد کي ڪيس ڏاڍو ڪڪ ڪري وڌو ۽ اڄ مٿو پيٽ سان لڳو هوس تہ برابر منهن جو خدا کان سواءِ ڪوبہ ہ آهي. ڪيس ۾ بہ شاهد شاهديون پوريون ڏيئي ويا چو تہ اڳي تہ ڪين پوليس جو خوف هو هاڻي اهو بہ لٿو. هن کان اڳ شاهد کي سندس همدرد هم ڪلاسي جڏن ڪمن کان بچڻ لاءِ ڏاڍيون هدايتون ڪندا هئا تہ شاهد ڪين چوندو هو تہ توهين مون کي گيدي بنائڻ ٿا چاهيو مون ۾ احساس برتريءَ مان احساس ڪمتري ٿا جاڳايو. توهان جيڪي نوڪريون ڪريو ٿا تن جو ماهيانہ پگهار وڌ ۾ وڌ چار سو يا پنج سو روپيا مس هوندو. سو بہ جڏهين سڃا ڏينهن قلم سان پنهنجا ڪلها چنندا ۽ پرائي بزگيري تنهن کان سواءِ پر منهنجي روزاني ڪمائي ڏهہ يارهن سو روپيا آهي ۽ بالڪل آزاد پيا گهمون ڪنهن جي بہ مجال ڪانهي جو اسان کي فقط اف چئي سگهي مٿو هٽي پچي رڪونس هوڏانهن توهان جي مٿان هرڪو بالا آفيسر آڪڙيو بيٺو هوندو. اوهان کي هميشه ڊيوٽيءَ جو اونو هوندو تہ اڄ ڪلاڪ ليٽ ٿي آهي اڄ صاحب ڪاوڙيو وغيره. مگر مون کي ڪنهن بہ ڊيوٽيءَ وغيره جي اون ڪانهي. توهان جا وڏا آفيسر بہ اسان جا سلامي آهن ۽ اسان جا محتاج آهن اسين جيئن ڪين چئون تيئن ڪن . اسين پاڻ ڪين ڪارايون پياريون ان ڪري اهڙا مشورا ۽ هدايتون پاڻ وٽ قابو رکو. تہ عقل نہ وهي وڃيوَ. اهڙا ۽ ٻيا ڪئين چٽڪا ڏڪا انهن کي ٻڌائي جند ڇڏائي ويندو هو. زاهد بہ ڪيس اهڙيون نصيحتون خطن رستي لکندو هو پر ان کي تہ مورڳو دشمن سنڌ مڃهي خطن جو جواب ئي نہ ڏيندو هو. زاهد هڪ زماني ساز ماڻهو هو تنهن اڳيئي ڄاتو ٿي تہ اها ڏاڍ مڙسي ۽ ظلم هميشه هلڻو ڪونهي، ۔ لال آج نہ ديکا تو ڪل ديکا ۔ ٻڄڙي ڪم جو چاندو ضرور ٻڄڙو آهي اهو فقط اکين جو ڏيءُ ۽ پيٽ جي بک آهي. حرام جي اڳياڙي آهي پر پڇاڙي آهيئي ڪانہ. تنهن ڪري شاهد جو ڏاڍو ويچار ٿيندو هوس مگر ڇا ڪري جو

## واءِ صد حسرت متاع ڪاروان جاتا رها
## ڪاروان والون سي احساس زياڪ جاتا رها

هينئر شاهد کي زاهد ۽ ٻين همدرد هم ڪلاسين جي نصيحتن جو احساس ٿيو هو. پر ۔ اب ڪيا ڪري هوت جب چڙيان چگ گئي کيت ۔ جي مثال وانگر هاڻي ڏڌو ڪير ٽٽين ڪيئن پوي هٿان ڪئيءَ جو نڪو ويڄ نڪو طبيب. شاهد کي ڪيسن ۽ پئسي جي تنگيءَ ڏاڍو تنگ ڪيو. شرم

وچان زاهد يا ٻين کان گهرڻ بہ نٿي وٽيس. ان ڪري رات ڏينهن آرام ڦٽي پيس. ويتر جو هر هڪ ڪيس جي فتويٰ جون تاريخون هڪ ٻئي پٺيان رکجڻ لڳيون چو تہ مئجسٽريٽن کي بہ مٿان اهڙا سخت آرڊر آيا تہ ڪيسن جو نيڪال ترت ڪريو. شاهد کي تہ اها بہ خاطري هئي تہ ڪيس سڀ ضرور سچا ثابت ٿيندا ۽ آئون انهن ۾ هميشه لاءِ پيڙهجي ۽ تباهہ ٿي ويندس مگر هينئر رڳو خالي پڇتائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪري بہ نٿي سگهيو. انهيءَ جهوريءَ هٽي مڙس کي هيڪاري جهوري وڌو سچ چيو اٿن تہ

دک ۾ بوجهي هر ڪو سک ۾ بوجهي نہ ڪوءِ
سک ۾ بوجهي سيڪو دک ڪاهي ڪو هوءِ

مطلب ڏک ۾ سيڪو خدا کي ستائيندو آهي مگر سکن ۾ ڪير خدا کي ڪونہ ساراهي اگر خدا کي سک ۾ ساراهين تہ جيڪر ڏک ڏسنئي ڪونہ.

## (8)

### مت ستا ظالم ڪسي ڪو مت ڪسي ڪي آه لي
### عرش پي هل جاتا هي

. . . . . .

### ٻڏندي ٻوڙن کي ڪي هاٿڪ هٿ وجهن
### پسيو لج لطيف چئي ڪيڏي ڪي ڪن
### توڙي ڪنڌيءَ ڪن نہ تہ ساڻ وجن سير ۾ ( شاهه )

قدرتن جنهن جج وٽ شاهد جو ڪيس هو سو ڪيس جي فتوي جي تاريخ کان اڳيئي بدلي ٿي ويو. بلڪ اسڪريننگ ۾ اچڻ سبب ڪائنس زوريءَ چارج ڇڏائي ويئي، ڇو تہ اهو بہ وڏو رشوتخور هو. پر هن وقت مارشل لا جي خوف سبب شاهد جي ڪيسن جي فتوي اڳوات لکي ڇڏي هئائين جا هئي ٻارهن مهينا قيد ۽ پنج هزار ڏنڊ. ان جي جاءِ تي زاهد جهڙو بي لوث ۽ ايماندار جج بدلي ٿي آيو. زاهد کي تہ شاهد جي ڪيسن جي اڳوات خبر هئي تنهن اچڻ شرط اهي ڪاغذ اٿلايا مگر اڳيون جج جو شاهد کي ڏوهہ جو ڏوهاري ٺهرائي فتوي موجب سزا مقرر ڪري ويو تنهن کي زاهد ڪيئن ٿي مٽائي سگهيو؟ سندس ڪابہ وس جي ڳالهہ نہ هئي، تنهن ڪري - مني بہ ماٺ مني بہ ماٺ - ڪري ويهي رهيو. ارمان تہ ڏاڍو ٿيس پر ڪري سو ڪري ڇا؟ آخر فتوي جي تاريخ آئي. شاهد تي ڏوهہ ويهي ويو شاهد کي هن حالت ۾ ڏسي زاهد کي ڏاڍو ارمان ٿيو. هيڪاري جو پنهن جي زبان سان دوست کي سزا جو حڪم ٻڌايائين. تنهن ڳالهہ تہ کيس هٽي ذري گهٽ چريو ڪري وڌو. پر هڪ طرف فرض ٻئي طرف محبت. زاهد جي جيءَ اندر جنگ شروع ٿي ويئي پر نيٺ فرض محبت تي فتح حاصل ڪئي. هن طرف شاهد جي حالت بہ زاهد اڳيان شرمسار هئي. هو ڪنڌ هيٺ ڪري اکين مان آنسو وهائي رهيو آهي، زاهد اها حالت ڏسي رهي نہ سگهيو. پانيائين تہ اوچنگارون ڏيئي روئان پر ڪورٽ جو خيال ڪري ماٺ ڪري نڪري ويو ۽ يڪدم پنهنجي ڪيسي مان پنج هزار ڏنڊ ڀري

ڏنائين ۽ شاهد کان بچاءَ جا ضامن وٺي مٿينءَ ڪورٽ ۾ اپيل ڪرايائينس. انهن شاهدن ۾ هڪ زاهد جو ياءُ حامد ۽ ٻيو هڪ سندس دوست هئا, جن شاهد کي هڪ ڏينهن به جيل ۾ رهڻ نه ڏنو.

اهڙيءَ طرح شاهد تي جيڪي به ٻيا ڪيس هئا, سي به زاهد جي سفارش سان ۽ مهربانين سان لهي ويا ۽ اپيل مان مٿانئس جيل معاف ٿيو.

هاڻي شاهد  کي زماني جي لاهين چاڙهين جي خبر پئجي چڪي هئي ان ڪري ڪوبہ ڪم زاهد جي صلاح مشوري کان سواءِ ڪين ڪندو هو ڇو تہ زاهد جي طفيل شاهد کي گويا نئين حياتي ملي هئي.

(9)

## ڏيکاريس ڏکن گوندر پرين جو
## سونهائي سورن ڪئي هيڪاندي هوت سان

زاهد جو پيءُ حامد وڏو واپاري ۽ سيٺ هو. سندس وڏن وڏن شهرن ۾ واپار جون ڪوٺيون هيون. حامد زاهد جي چوڻ تي شاهد کي اول پاڻ وٽ مئنيجر مقرر ڪيو پر پوءِ آهستي آهستي شاهد کي ڏنڌي ۾ دلچسپي وٺندو ڏسي کيس پنهنجو پائيوار بنايو. جيئن ته شاهد به هاڻي زماني جون ڪوسيون ٿڌيون سهي، سمجهي ويو هو ۽ هڪ شريف ايماندار انسان ٿي پيو هو سو ويران وير پاڻ کي وٽائيندو ويو.
حامد جو به شاهد تي اعتبار ڄمي ويو ۽ کيس پنهنجي پيءُ زاهد جهڙو پيءُ سمجهڻ لڳو. اهڙيءَ طرح سندن واپار ۾ ڏنڌو ڏ دگنو ۽ رات چوگنو وڌندو رهيو.
”ٿوري نفع گهڻي برڪت“ اهو هنن جو خاص اصول هوندو هو. انڪري سندن گراهڪي تمام وڌي ويئي. هي نڪي بلئڪ ڪند هئا ۽ نڪي ملاوت ڪندا هئا ان ڪري مارشل لا جي ڏنڊي کان به آجا رهيا. ايمانداري سندن اولين اصول هو. ان ڪري هڪ سال اندر خرچ لٿي ڏهه ڏهه هزار هرهڪ کي نفع جا پتيءَ ۾ آيا.
ان بعد شاهد کي الڳ ڪوٺي ڪولي ڏني جتي هو سيٺ بنيو ويٺو هوندو هو. ۽ سارو ڪم نوڪرن چاڪرن جي حوالي هو. پاڻ فقط پئسي ۽ مال جي ڏيتيءَ ليتيءَ تي گهري نظري رکندو هو.
چوندا آهن ته ” اتم کيتي وڌندڙ واپار نيچ نوڪري پنڻ بيڪار “ سو واپار هني شاهد کي ڊئي وڏو ۽ هو سيٺ شاهد حسين سڏجڻ لڳو ۽ زاهد توڙي سندن ساري خاندان سان سندس تعلقات تمام گهرا ۽ مضبوط رهيا.

زاهد ۽ شاهد وري اڳئين طرح محبت ۽ پيار سان گذارڻ لڳا ۽ وچيان جيڪي لڙ هئا سي سپ لهي ويا. وري به ايتري قدر سندن محبت ٿي ويئي جو جيسين هڪ ٻئي وٽ ڏينهن ۾ ڏهه دفعا نه ايندا هئا تيسين سک نه ايندو هون. تانجورات جي ماني هميشه گڏ کائيندا هئا ڪڏهين شاهد زاهد وٽ اچي کائيندو هو ته ڪڏهين زاهد شاهد وٽ ايندو هو.

زاهد ڪوشش ڪري شاهد جي شاديءَ جو بندوبست هڪ لکا پتي سيٺ قاسم خان وٽان ڪرايو. شاديءَ تي ٻنهي طرفن ڏاڍا زور لاتا، ڇو تہ ٻئي سيٺيون هئا. زاهد بہ هن شاديءَ ۾ پاڻ چڱو موڪيو. پاڻ پنهنجي ياءُ حامد سوڏو پيرن پر سپ ڳالهہ جي پورائيءَ لاءِ بيٺو هو. جڙ تہ شاهد ڪو سندس سڳو ياءُ آهي. ٻنهي جي ڪاليج کان شروع ڪيل محبت نيٺ وڃي ڪامياب ٿي.

## ( 10 )

**ماڻهو سپ نہ سهڻا پکي سپ نہ هنج**
**ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي**

.........

**هزارون سال نرگس اپني بي نوري په روتي هي**
**بڙي مشڪل سي هوتا هي چمن ۾ ديد ور پيدا**

پنهي جي محبت جي پچاڙي جو ههڙي سرهي ثي تنهن لاءِ زاهد صد مبارڪ جو لائق هو.
شاهد جو نالي پائي زاهد جو پٽ شاهد بہ هاٽي اچي وهيءَ چڙهيو هو. دنيا ۽ دين جا هر قسم جا علم حاصل ڪري پڙس ڪان بہ بہ رتيون ڪسر ٿي پيو هو.
زاهد جي احسانن جو قدر ڪري ان کي شاهد پاڻ سان ڏنڏي ۾ پائيوار بنايو اڳتي هلي ڪيس پنهنجو داماد ( نياڻو ) ڪري هميشه لاءِ پنهنجو بنائي ڇڏيائين. زاهد بہ هاٽي نوڪريءَ ڪان رٽائر ڪيو هو. ايمانداريءَ ۽ شرافت سان نوڪري ڪرڻ سبب ڪيس سرڪار قدردان ڪوٺڙي براج تي پنج سو ايڪڙ زمين انعام طور ڏني هئي، تنهن ڪري زاهد پاڻ اوڏانهن رهڻ لڳو هو تاهم شاهد سان سندس پريت جا پيوند جيئن پوءِ تيئن پختا ٿيندا ويا. اردو مصرع مشهور آهي تہ

**عزت اسي ملي جو وطن سي نڪل گيا**
**وه قول سر چڙها جو چمن سي نڪل گيا**

ان موجب پنهنجي شريف طبيعت سبب اتي بہ ڏاڍو مقبول پيو ۽ پنهن جي دوست جي نالي پنيان اتي هڪ ڳوٺ آباد ڪرايائين ”شاهد آباد“ انڪري هو هيڪاري مشهور ٿي ويو آسپاس جي راڄن جو هو چڱو مڙس ليکجڻ ۾ ايندو هو ۽ سندن ڇيڙي نبيري پاڻ ڪندو هو. فيصلن ڪرڻ جي تہ ڪا زاهد خان کي خدائي ڏات مليل هئي.

نيٺ حياتيءَ جا چوٽا پورا ڪري اتيئي مدفون ٿيو. مگر اها ڪا نہ هئي جنهن سندس ياد ۾ لڙڪ نہ ڳاڙيا هجن. اهو سڀ ايمانداريءَ ۽ شرافت جو نتيجو آهي.

هيءَ بهاري باغ دنيا چند روز چند روز

۽ زماني جا تماشا چند روز چند روز

رهنديون اهي رهاڻيون افسوس مان نہ هوندس

ٻڌبيون ڪهاڻيون افسوس مان نہ هوندس







